# ٻه اکر

**’ڪلاچي‘** جي اٺاويهين سال جو ٻيو شمارو حاضر آهي. ڪلاچيءَ ۾ جيترا مقالا، ڇپجن ٿا ته اوترائي رد به ٿين ٿا. ان جو بنيادي سبب غيرمعياري تحقيق ۽ تحقيقي اصولن کان اڻ واقفيت آهي. انهن رد ٿيل مقالن کي ٻين جرنلن ۾ ڇپجندو ڏسي، ڏاڍو ڏک ٿيندو آهي. اهو بدديانتي جو هڪ وڏو سبب آهي.

ڪلاچي جون 2021ع تائين ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيندو هو، پر H.E.C. پاران فنڊن جي فراهمي بند ٿيڻ ڪانپوءِ، ڪاغذن ۽ ڇپائي جي ڳرين قيمتن سبب هاڻي فقط آن لائن آهي، پر جيئن ئي مالي صورتحال بهتر ٿي ته ان کي ٻيهر شايع ڪيو ويندو.

هن ڀيري به پنج مقالا رد ٿيا آهن. جيڪي مقالا بهتر هوندا آهن، ۽ جن لاءِ ماهرن جي سفارش هوندي آهي، تن کي گهربل سڌارن ۽ واڌارن کان پوءِ شايع ڪيو ويندو آهي.

ڪلاچيءَ جي ويب سائيٽ تي هيل تائين ڇپيل سڀني شمارن کي Upload ڪيو ويو آهي، ليکڪ يا عالم، گهر ويٺي ان مان لاڀ پرائي سگهن ٿا. وڌندڙ خرچن سبب ’ڪلاچي‘ جي ايڊيٽوريل بورڊ فيصلو ڪيو آهي ته هر مقالي سان گڏ پنج هزار روپيا في ورتي ويندي. اهڙي قسم جي في، ملڪ ۾ شايع ٿيندڙ گهڻي ڀاڱي جرنل وٺن ٿا، جيڪا اسان جي مقرر ڪيل في کان گهڻي وڌيڪ هوندي آهي. مقالي نگارن کي گذارش آهي ته هر مقالي سان گڏ پنجن هزار روپين جو ڊمانڊ ڊرافٽ يا پي آرڊر، ڊائريڪٽر، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽيءَ جي نالي موڪلين، ٻي صورت ۾ مقالو تورتڪ لاءِ ماهرن ڏانهن نه موڪليو ويندو ۽ شايع نه ڪبو. في ناقابل واپسي هوندي، پوءِ مقالو شايع ٿئي يا نه!

اُميد ته مقالي نگار سهڪار ڪندا ۽ معياري قسم جي موضوعن تي تحقيقي مقالا موڪليندا ته جيئن اُهي سولائيءَ سان شايع ٿين. هن دفعي جيڪي مقالا رد ٿيا آهن، تنهن لاءِ ليکڪن کان معذرت. اُميد ته اُهي اڳتي وڌيڪ محنت سان ڪم ڪندا ۽ تحقيق جي مروج اصولي توڙي حوالي ڏيڻ جي قاعدن تي صحيح ۽ درست نموني عمل ڪندا.

**ڊاڪٽر ناهيد پروين**
**ايڊيٽر**